# علامه شبير احمد عثماني جون قرآني خدمات

زرينه قاضي

گورنمنٽ گرلز هاءِ سيڪنڊري اسڪول پنوعاقل.

ماڻهون سڀ نه سهڻا پکي سڀ نه هنج،

ڪنهن ڪنهن ماڻهون منجهه اچي بوءِ بهار جي.

(شاهه عبداللطيف ڀٽائي)

الحمدالله جو مون کي اها سعادت حاصل ٿي جو مان هڪ جليل القدر مفسر جي قرآني خدمات تي مقالو لکي رهي آهيان. منهنجي قلم کي ايتري طاقت ته نه آهي جو مان انهن جي باري ۾ ڪجهه لکي سگهان پر هڪ ننڍڙي ڪوشش ضرور ڪندس، ته انهن جي قرآني خدمات تي مختصر لکي سگهان.

الله تعاليٰ ڪجهه ماڻهن کي اهڙي وقت ۾ دنيا ۾ موڪليندو آهي جڏهن امت مسلمه ۾ ڪائي ڪمي ايندي آهي. مان سمجهان ٿي ته شيخ السلام علامه شبير احمد عثماني به انهن ماڻهن مان هئا. حضرت علامه جن کي الله پاڪ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان عبماءِ زمان، محقق دوران ۽ دنيا ۽ اسلام جو روشن آفتاب بڻايو. انهن جي بيمثال ذڪاوت بيمثال خطاب، عجيب ۽ غريب حافظو اهڙيون خوبيون آهن جن کان ڪوئي به انڪار نٿو ڪري سگهي.(۱)

علامه عثماني جي ذات اسان لاءِ هڪ تمام وڏي نعمت هئي. انهن جي علمي ڪارنامن ۾ مقالا، خطبا ۽ مضمونن کان علاوه به اهڙا ڪارناما آهن جن کان منهن ڦري نه ٿو ڪري سگهجي. هڪ ته «قرآن مجيد جا حاشيه» جيڪي شيخ الهند جي ترجمي تي آهن جن جي باري ۾ علامه انورشاهه فرمائن ٿا:

ته علامه شبير احمد عثماني جن تفسير عثماني لکي ڪري اسلامي دنيا تي تمام وڏو احسان ڪيو آهي

ٻيو احسان اهو آهي جو انهن مسلم شريف جو عربي ۾ حنفي نقطه نظر سان هڪ شرح لکيو جنهن جو نالو فتح الملهم آهي جنهن ۾ بي بها معلومات آهي جنهن کي

دارالتصنيف وارا ڇپرائيندا آهن ان جو عڪس آهي.

ان ڪان علاوه تمام خوبصورت مضبوط ۽ اعليٰ قسم جي بائينڊنگ آهي هي جلد ۸۱۰ صفحن تي مشتمل آهي آخر ۾ رموز و اوقاف ۽ تفسير جو مقدمو آهي جنهن ۾ شيخ الهند صاحب جن شاه عبدالقادر جي ترجمي جي حسن ۽ ڊپٽي نذير احمد جي ترجمي تي تنقيد ڪرڻ ڪان علاوه نئين سر ترجمي ڪرڻ جون وجوهات بيان ڪيون آهن.

شاه فهد قرآن ڪريم پرنٽنگ ڪمپيڪس ۽ رابطه عالِ اسلامي جي باهمي سهڪارسان مختلف عالمن جي ترجمي ۽ تفسيرن کي منتخب ڪري شايع ڪندا آهن، ته جئين اسلامي دنيا جي ضرورت کي پورو ڪرڻ جي لاءِ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪري سگهن. قرآن ڪريم جي اردو ترجمي ۽ تفسير جي اهميت کي نظر ۾ رکندي شاه فهد ڪمپيڪس جي مرڪز مجلس شوريٰ پنهنجي خصوصي اجلاس ۾ ان جي طبع ۽ نشر جو فيصلو ڪيو.

قرآن ڪريم پرنٽنگ ڪمپيڪس جيڪو اردو ترجمي ۽ تفسير جي شايع ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهي اها اسلامي جمهوريه پاڪستان جي وزارت مذهبي امور جي طرفان صدقو آهي. جيئن علمي شخصيت حضرت مولانا ابوالحسن علي ندوي صاحب جن مترجم ۽ مفسر جي علمي عظمت جو اعتراف ڪندي ترجمي ۽ تفسير جي تعريف هنن لفظن ۾ ڪن ٿا ته هي تمام بهترين ترجمو ۽ تفسير آهي ان جي طباعت ۽ اشاعت هجڻ گهرجي.

ضروري تصيحيحات رابطه عالم اسلامي (اداره القرآن ڪريم) جي طرفان فضيله الشيخ سيد عنايت الله شاه صاحب ڪاڪاخيل جن ڪيو آهي.(۳)

تفسير عثماني جو اهم خوبيون:

۱ـ علامه جن تفسير ۾ پهريون قرآن کي بيان ڪيو آهي انکان پوءِ ان جي تائيد ۾ احاديث ڪان استدلال ڪيو اٿن ۽ انکان پوءِ عقلي ۽ نقلي دليلن جي روشنيءَ ۾ مسئلن جي تحقيق ڪئي اٿون جيئن مسئله روح، واقعه معراج ۽ ياجوج ۽ ماجوج جهڙا مسئلا آهن.

۲ـ ڪوڙن عقيدن ۽ تفسير ۾ اسرائيلي روايتن کي رد ڪيو اٿن. آيت وما قتلو وما صلوه جي بيان ۾ رفع عيسيٰ کي ثابت ڪيو اٿون تفسير ڪرڻ ۾ اهم تفاسير

مثلاً تفسير ابن ڪثير، تفسير ڪبير، تفسير ڪشاف ۽ ٻين ڪيترين ئي صفه اول جي تفسيرن سان گڏ صحاح سته جو به جڳهه جڳهه تي حوالو ڏنو اٿئون.

٣۔ تفسير بيان ڪرڻ وقت صرف انهن قولن کان استدلال ڪيو اٿئون جن سان مذهب اهل سنت والجماعت جي تائيد ٿئي ٿي. مثلاً آيت وامسحو برؤسڪم وارجلکم ۾ مسح رأس تي بحث ڪيو اٿئون.

(٣) مقدمه القرآن الکريم و ترجمه معانيه و تفسير الي لغه الارديه مطبه شاه فهد ڪمپليڪس سعودي عرب.

٣۔ تفسير بيان ڪرڻ ۾ اعتدال جي مسلڪ کي بيان ڪيو اٿئون وڌاءَ کان پرهيز ڪئي اٿئون.

٥۔ تفسير باراء کان اجتناب ڪيو اٿئون البته قرآن ۽ حديث کان جيڪي علمي نقطه سامهون آيا آهن انهن کي بيان ڪيو اٿئون.

٦۔ پنهنجي تفسير ۾ تاريخي ۽ جغرافيائي تحقيقات کي مختصر لفظن ۾ بيان ڪيو اٿئون. مثلاً آيت الم غلبت الروم جي تفسير ۾ روم جي تاريخ ۽ ان جي جاگرافي تي روشني وڌي اٿئون.

٧۔ تفسير ۾ لغوي تحقيق ۽ حرفي تحقيقات کي به محفوظ رکيو اٿئون. مثلاً انصاري جي لغوي تحقيق بيان ڪندي لکن ٿا ته نصارا نصر سان ورتو ويو آهي جنهنجي معني مدد ڪرڻ وارا آهن ۽ هي ملڪ شام جي هڪ ڳوٺ ناصره کان منسوب آهي.

٨۔ تفسير بيان ڪندي بعض آيتن جا فائدا به بيان ڪيا اٿئون مثلاً ڪجهه آيتن جي نشاندهي ڪندي فرمائين ٿا ته انهن کي صبح ۽ شام ست دفعا پڙهڻ سان الله تعالي غم ۽ پريشاني کان محفوظ رکندو آهي.

٩ ۔ اهڙي طرح تفسير بيان ڪندي ڪجهه جڳهن تي آسماني ڪتابن سان بعض تائيدي اقوال پيش ڪندا آهن. مثلاً آيت جي تفسير ۾ انجيل جي ٽئين باب ۽ آيت نمبر ١ ٢ کان محمد صلي الله عليه وآله وسلم جن جي برحق هجڻ جي دليل پيش ڪن ٿا.

١٠۔ اهڙي طرح ڪجهه جديد تحقيقات مثلاً ڪنوڻ جو چمڪڻ ۽

